# جبري پورهئي جي
# خاتمي جو قانون
# ۽ قائدا



# جبري پورهئي جي خاتمي

# جو قانون ۽ قائدا

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | جبري پورهئي جي خاتمي جو قانون ۽ قاعدا |
| سنڌي ترجمو | : | اعجاز علي ملڪ |
| نظرثاني ڪندڙ | : | تاج مري / پنهل ساريو |
| تعداد | : | 2000 ٻه هزار |
| ڇاپو پهريون | : | مارچ 2001ع |
| ڇاپو ٻيو | : | نومبر 2004ع |
| ڇاپو ٽيون | : | ڊسمبر 2008ع |
| ڪمپوزنگ | : | پارس ڪمپوزنگ حيدر چوڪ حيدرآباد |
| ڇپائيندڙ | : | ڀنڊار هاري سنگت |
| تعاون | : | TROCAIRE |
| ٽائيٽل | : | محمد امين سولنگي |
| ڪتاب ملڻ جو هنڌ | : | سي 8، فيز_II، لڳ علي پيلس چوڪ، قاسم آباد حيدرآباد |
| پاران | | ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**Bhandar Hari Sangat**

Postal Add:. C_8 Phase II, Near Ali Palace Chowk

Qasimabad Hyderabad, Sindh.

E.Mail: bhandarharisangat@hotmail.com

bhadarsangat@yahoo.com

Ph: 022_2652292

محبتي ميڙي ڳوٺ ٻڌجي هيڪڙو
تنين جي ويڙهي چور نہ ايندو ڪڏهن.
(شاھ عبداللطيف ڀٽائي)

- جبري پورهئي جي خاتمي جو قانون، 1992ع
- جبري پورهئي جي خاتمي جو قانون، 1995ع
- جبري پورهئي مان آزاد ٿيل پورهيتن جي بحالي ۽ جبري پورهئي جي خاتمي لاءِ قومي پاليسي ۽ عملي منصوبو 2001ع مان نگران ڪميٽي جي بناوٽ ۽ فرائض

- Bonded Labour (Abolition) Act, 1992
- Bonded Labour (Abolotion) Rules, 1995
- Composition and Duties of vigileance Committies as amended in National Policy and Plan of Action for Aboltition of Bonded Labour and Rehabilition of Freed Bonded Labourers 2001

# القرآن

چا اسان انسان جون ٻه اکيون، زبان ۽ ٻه چپ نه ناهيا آهن ۽ اسان ان کي خير ۽ شر جا ٻه شاهي رستا ڏيکاري ڇڏيا آهن. پوءِ به همت ڪري سخت لڪُ نه گهڙيو. اي پيغمبر! توکي ڪهڙي خبر آهي ته سخت لڪُ ڇا آهي؟ اهو ٻانهي کي آزاد ڪرائڻ آهي. يا بک جي ڏينهن ڪاڏو کارائڻ آهي. مٽي ماڻٽيءَ واري يتيم کي. يا مِٽيءَ هاڻي مسڪين کي. وري انهن مان ٿئي جن ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر ڪرڻ جي وصيت ڪئي ۽ هڪ ٻيئي کي رحم ڪرڻ جي وصيت ڪئي آهي اهي ئي سياڳا آهن.

(سورة الشمس، آيت نمبر 9ـ 18)

ترجمہ: مولانا محمد مدني

# حديث

ٽي شخص آهن جن جو قيامت ڏينهن آءٌ دشمن / مخالف ٿيندس.

(1) اهو شخص جنهن منهنجو نالو وٺي معاهدو ڪيو ۽ پوءِ اهو ٽوڙيائين.

(2) اهو شخص جنهن آزاد ماڻهوءَ کي وڪڻي ان جي قيمت کاڌي.

(3) اهو شخص جنهن ڪنهن مزدور کي مزدوري تي لڳايو ۽ پوءِ ان کان پورو ڪم ورتائين پر ان کي سندس مزدوري نه ڏنائين.

(بخاري)

انتخاب: مولانا محمد انس راڄپر

# ٻه اکر

(ڇاپو ٽيون)

پنڌار هاري سنگت، جبري پورهئي جي خاتمي واري قانون بابت عام ماڻهوءَ کي آگاهه ڪرڻ لاءِ اُن جو سنڌي ترجمو 2001ع ۾ ڇاپي عوام تائين پُهچايو هيو. عام ماڻهوءَ جي اُن ۾ دلچسپيءَ سبب ٿورڙن ئي ڏينهن ۾ اهو اڻلڀ ٿي ويو ۽ نومبر 2004ع ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳئي قانون کي سنڌيءَ ۾ ڇپائي عوام تائين آڻڻ جو ڪم ٻه پنڌار هاري سنگت ئي ڪيو جيڪو پڻ ٿورڙي ئي عرصي ۾ اڻلڀ ٿي ويو.

ڪجهه وقت کان انهيءَ جي ضرورت پئي محسوس ٿي ته وري ٻه هن قانون کي سنڌيءَ ۾ ڇپائي، سنڌ جي پيڙهيل عوام ۽ ان جي همدردن تائين پهچائجي، جنهن لاءِ هيءَ ڪاوش ڪئي اٿئون.

2001ع کان وٺي 2008ع تائين بدلجندڙ وقت، حالتن ۽ تجربن مان اسان پنڌار هاري سنگت جي ڪارڪنن گهڻو ڪجهه پرايو آهي. اڳ اسان جبري پورهيو صرف زنجيرن ۾ جڪڙي، اڌمٽي تنگ ۾ ٻڌي ڪم وٺڻ کي ئي سمجهندا هياسين پر تجربي سيکاريو آهي ته ان عمل کان سواءِ ٻه ماڻهوءَ کان پنهنجي مرضيءَ خلاف پورهيو وٺڻ، ماڻهوءَ جون مجبوريون ۽ محڪوميون چند ڏوڪڙن عيوض خريد ڪري پورهيو وٺڻ، معصوم ٻارڙن کان مائٽن جي قرض عيوض ڍور چارائڻ ٻه جبري پورهيو آهي.

جڏهن اسان پهريون ڇاپو آڻي رهيا هُياسون تڏهن ائين سمجهندا هياسين ته هن قانون تي عمل ڪرائي اسين مُلڪ ۽ خاص طور سنڌ جي ماڻهوءَ کي جَبر ۽ ڏاڍ جي پورهئي کان آزاد ڪرائيندا سين. پر تجربي ثابت ڪيو ته جيستائين تيننسي ايڪٽ ۾ ترميمون نٿيون ٿين، زرعي سَڌارا نٿا اچن. هارين. مزدورن لاءِ آگاهي

مهمون نٿيون هجن. زرعي زمينن جي انتظام لاءِ نوان قانون ٺٽا جُڙن: زرعي جنسن جي وڪري ۽ خريد جو نئون نِظام ٺٽو اچي. زرعي پاڻيءَ جي انصاف ڀري ورهاست ۽ استعمال ٺٽو ٿئي. ايستائين هِن معاشري مان جبر ۽ ڏاڍ ذريعي ڪم وٺندڙن کي ڪير بہ روڪي ٺٽو سگهي.

ها...! اُن لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ هارين، زرعي مزدورن، ڪارخاني مزدورن ۽ ٻين جي مزدورن جي اولاد کي تعليم ۽ صحت جهڙي بنيادي حق ڏيارڻ لاءِ ڪوششون ڪرڻ گُهرجن. ڇو جو علم انسان جي ٽين اک آهي ۽ جڏهن هي مظلومَ علم جي زيور سان آراستہ هوندا، سندن صحت صحيح هوندي تہ دنيا جي ڪابہ طاقت ڪانئن جبري پورهيو نہ وٺي سگهندي. اچو تہ پندار هاري سنگت جي جهنڊي هيٺ آگاهيءَ ۽ سُجاڳيءَ جي مهم ذريعي سنڌ جي محڪوم ۽ مظلوم ماڻهن جي مدد ڪريون.

خيرانديش

**امير شر**

پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر

جبري پورهئي جي خاتمي جو پروجيڪٽ

ڏورج ڏيئو هٿ ڪري ڏور مَرڏيئي ڏار
ڪوڙيين لک هزار اونداهيءَ انڌا ڪيا.
شيخ اياز

## ٻه اکر

(ٻيون ڇاپو 2004ع)

اسان جي تنظيم جبري پورهئي جي قانون کان آگاهي جي مهم جي سلسلي ۾ 2001ع ۾ جبري پورهئي جي خاتمي جو ايڪٽ 1992ع ۽ رولز 1995ع جو سنڌي ترجمو شايع ڪرايو هو. جنهن سبب آگاهي مهم ۾ ڪافي ڪاميابي رهي، هاڻ اسان جي تنظيم ذڪر ڪيل ايڪٽ ۽ رولز سان گڏ حڪومت پاڪستان کان منظور ڪيل نيشنل پاليسي، جبري پورهئي جي آزاديءَ ۽ سماجي بحاليءَ مان نگران ڪميٽي جي بناوٽ ۽ فرض تبديل ڪيا آهن. يو. اين. او جي ڊڪليريشن جا جبري پورهئي خلاف نڪتا آءِ. ايل. او جا جبري پورهئي متعلق ڪنوينشن حڪومت پاڪستان جا جبري پورهئي ۽ غلامي جي خلاف آئيني نقطن سان گڏ ٻيهر شايع ڪري رهي آهي.

اميد تہ جبري پورهي جي خاتمي جي مهم ۾ اسان جي هيءَ ڪوشش ضرور ڀاڳي ڀائيوار ٿيندي.

اسان کي توهان جي راءِ ۽ تجويزن جو انتظار رهندو.

توهان جو خير انديش
**عاشق علي ميسو**
جنرل سيڪريٽري
ڀنڊار هاري سنگت

اِيءَ نہ مارن ريت جيئن سيڻ مٺائن سون تي
اڇي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪانہ ڪُريت
پَکن جي پريت، ماڙين سين نہ مٽيان.
(سر مارئي)

**

مون ماڙيءَ جو سُومرا، ٻنهي پارين ڏک
هِت عُمرَ جو اَهُک، هُت مارو ڏينم ميهڻا.
(سر مارئي)

**

جُہ سي لوڙائو ٿيا، جنين سنديءَ ڏير
ماروئڙا فقير، ڪنهن در ڏيندا دانهڙي.
(سر مارئي)

**

**وائي**

رُئندي رات وهاءِ، مون کي رويو رات وِهاءِ
عُمر! ميان سومرا
آئون ٻندياڻي ٻند ۾، ڪِ ڪي ٻند پيا؟
مون کي ڏيهان نڪري، ٻہ ٿوڪ ٿيا
هڪ عمر منڊيا مامرا، ٻيو مارو ٿر ٿيا
عُمر! ٻندياڻين سين، جورو تو نہ جُڳاءِ.

(سر مارئي)

شاھہ عبداللطيف ڀٽائي

# پيش لفظ

(پهريون ڇاپو 2001ع)

سُڪن سا گڏ ساوا ٻـ......... ...

هونئن تہ جبري پورهيو زراعت کان علاوه بين ڪيترن ئي صنعتي ۽ غير صنعتي شعبن ۾ موجود آهي پر سنڌ جي ضلعي سانگهڙ، بدين، ميرپوخاص، ٺٽو ۽ ٿرپارڪر جي ڪجهہ حصن ۾ هاري خاندانن جي جبري پورهئي جو شڪار هجڻ، هاڻي عالمي مهم جو حصو بڻجي ويو آهي، جنهن سان سڄي سنڌ جو زميندار طبقو ۽ سنڌ دنيا ۾ بدنام ٿي رهيا آهن. ان بدناميءَ جي ڪري زميندارن ۽ پوري سنڌ کي معاشي، سياسي، سماجي ۽ ثقافتي طور جنهن نقصان جو خدشو آهي، ان جو اندازو لڳائڻ جي ضرورت آهي.

سنڌ جي هارين جي جدوجهد جي تاريخ ڏاڍي وسيع ۽ شاندار آهي. 1930ع ۾ سنڌ هاري ڪاميٽي وجود ۾ آئي، قيام پاڪستان کانپوءِ هاري ڪاميٽي مسلم ليگ جي حڪومت ۾ حزب اقتدار جو موثر ڪردار ادا ڪيو ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي جي قيادت ۾ سنڌ جي هارين، اڌ بٽائي ۽ هارين جي بيدخلي جي خلاف ڀرپور تحريڪ هلائي، جنهن جي نتيجي ۾ هارين ۽ زميندارن جي تعلقاتن کي بهتر بڻائڻ لاءِ 1950ع ۾ سنڌ ٽيننسي ايڪٽ منظور ٿيو. جڏهن سنڌ ٽيننسي ايڪٽ منظور ٿيو ان وقت زرعي پيداواري عمل قدرتي، سادو هارين لاءِ فائديمند هو. ايوب خان جي دور حڪومت ۾ سبز انقلاب جي نالي تي زرعي پيداواري عمل ۾ مشينن جي ذريعي وڌيڪ پيداوار سولو ڪم، وڌيڪ منافعي جي لالچ ڏئي ايگرو انڊسٽري جو زراعت ۾ حصو

وڌايو ويو. مقامي هارين جي صديون پرائي علم ۽ تجربي کي نظرانداز ڪيو ويو. ايتري اشتهاربازي ڏيکاري وئي جو ٻوٽن ۾ جنسن جي جاءِ تي نوٽن کي پيدا ٿيندي ڏيکاريو ويو.

زرعي يونيورسٽيون بہ پنهنجي تجربي، صحيح جاڻ ۽ رهنمائي هارين ۽ زميندارن کي پهچائڻ ۾ ناڪام نظر اچن ٿيون، جنهن جي نتيجي ۾ زرعي ڪمن ۾ استعمال ٿيندڙ مشينري، ياڻ، زهريلي دوائن ۽ ٻج ٺاهيندڙ عالمي ادارا ۽ انهن جي حصيدار مُلڪي قسم جي ڪمپنين هڪ طرف اسان جي زراعت مان وڏيڪ منافعو ڪمايو ۽ ٻي طرف انهن جي ياڻ، ٻجن ۽ زهريلي دوائن اسان جي زرخيز زمينن کي اينٽي بايوٽيڪ دوائن وانگر حيراڪ بڻائي ڇڏيو آهي، زمينن ۾ قدرتي طور زرخيزي پيدا ڪرڻ وارو عمل آهستي آهستي ختم ٿي رهيو آهي. زهريلي دوائون پاڻي ۾ جذب ٿي پيئڻ جي پاڻي کي بہ زهريلو ڪري ٿيون ڇڏين.

سنڌ ۾ پاڻي جي کوٽ جي ڪري فصلن جي تباهي ٿي رهي آهي. زرعي پيداوار جي في ايڪڙ اپت جي لڳ ڀڳ خرچ اچي ٿو. هارين جا خرچ کائڻ، پيئڻ، ڪپڙا، رهائش، خوشي ۽ غمي ۾ شريڪ ٿيڻ جا خرچ زرعي پيداوار مان ملندڙ حصي کان وڏيڪ هوندا آهن، ان لاءِ هارين جو زميندارن وٽ قرضي هجڻ ۽ زميندارن جو بينڪن ۽ واپارين جو قرضي ٿيڻ هڪ فطري عمل آهي، جنهن ۾ هارين جو ڀڄي وڃڻ ۽ زميندارن جو زمين کپائڻ مجبوري ٿي پئي آهي.

جتي زميندارن جو هارين سان سلوڪ سٺو هوندو آهي، اتي ڪڏهن فصلن ۾ نقصان ٿيندو آهي تہ ڪڏهن فائدو اهڙي طرح هاري ۽ زميندار ٻئي پاڻ کي قرضن کان بچائيندا آهن ۽ جتي زميندارن جو رويو

ظالماڻو هوندو آهي. اتي زميندار پنهنجي نقصان جو حصو بہ هارين جي ڳچي ۾ وجهي انهن جي قرضن ۾ اضافو ڪندا آهن ۽ جڏهن هارين تي قرض ان سطح کي پهچندو آهي جو قرض لهڻ بہ ناممڪن نظر ايندو آهي. جنهن کي غير معمولي قرض چيو وڃي ٿو ان کان پوءِ زميندار هارين جي نگراني شروع ڪندا آهن. هارين جي چرپر ۽ اچ وڃ تي ڏنيون ۽ اڻ ڏٺيون پابنديون لڳنديون آهن. اڄ جي دنيا ان کي انسانن هٿان انسانن جي غلامي چوي ٿي، قرض جي وصولي جي لاءِ هارين ۽ مزدورن کان محنت وٺڻ کي باندبڊ ليبر چيو وڃي ٿو.

اسان جي معاشري ۾ قرض کان سواءِ بہ مزدورن، هارين انهن جي عورتن ۽ ٻارن کان بغير معاوضي جي ڪم وٺڻ جو رواج بہ آهي. جنهن کي بيگار چوندا آهن. هيءَ عمل بنيادي طور باندبڊ ليبر جو هڪ قسم آهي پر هن معاوضي نہ وٺڻ يا بغير معاوضي جي ڪم ڪرڻ جي مجبوري جا سبب صاف چٽا ۽ واضح نہ هوندا آهن ان لاءِ بيگر وٺندڙ قانون جي پڪڙ ۾ اچڻ کان بچي ويندو آهي. پر اهڙو قرض جنهن کي چُڪائڻ هاري يا مزدور جي وس ۾ نہ هجي، انهي ڪارڻ سڀ مذهب، ملڪي ۽ عالمي اخلاقيات اهڙي قرض کي ختم ڪري ان پورهيت جي آزادي لاءِ آواز اٿارين ٿا.

ان لاءِ واپار جي عالمي تنظيم ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن WTO هر ملڪ کي پنهنجي قانون تحت پابند ڪرائي رهي آهي تہ هو جنسن جي پيداواري عمل ۾ طئي شده معيار سان گڏوگڏ محنت جا بہ عالمي معيار مقرر ڪن. جنهن ۾ چائلڊ ليبر جي خاتمي سان گڏ زبردستي محنت ۽ جبري پورهئي جو خاتمو بہ شامل آهي ڪنهن بہ ملڪ جو ڪوئي بہ شعبو جبري پورهئي جي ڪري WTO جي

پابندين جو شڪار ٿي عالمي منڊي مان محروم ٿي سگھي ٿو ۽ جيڪو شعبو يا علائقو عالمي منڊي مان محروم ٿيندو اهو مقامي منڊين ۾ به پنهنجي جنس جي بهتر قيمت حاصل ڪري نه سگھندو. ان لاءِ اڄ ضرورت ان ڳالھ جي آهي ته اسان عالمي اصولن ۽ قانونن کي سمجھون ان نتيجي ۾ اسان جي ملڪ ۾ نهندڙ قانون ۽ قاعدن کي سمجھون ۽ تسليم ڪريون، ان تي عمل ڪريون نه ته اسان جي ڪنهن به اندروني ڪمزوري جي ڪري، اسان جا مخالف فائدو حاصل ڪري اسان جي معاشي، سياسي ۽ سماجي آزادي ۽ حيثيت کي ختم ڪندا. ان لاءِ وڏن طاقتور سامراجي ملڪن جي ڦرلٽ قبضه گيريءَ جي خلاف توڙي ملڪ جي طاقتور ادارن طرفان سنڌ جي زمين، پاڻي ۽ قدرتي وسيلن تي قبضي جي ناپاڪ ارادن جي خلاف متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي، متحد ٿيڻ ۾ موجود اندروني رڪاوٽن کي ختم ڪرائڻ لاءِ جبري پورهئي جي ڪمزوري کي ختم ڪرڻو پوندو. هارين جي سياسي طاقت کان سواءِ زميندار پنهنجي زمين، پاڻي ۽ ٻين وسيلن کي بچائي نه ٿو سگھي. زميندارن جي سياسي ۽ معاشي طاقت هارين سان جڙيل آهي. هارين کي جبري پورهئي وسيلي غلام رکندڙ زميندار توڙي سنڌ خوشحالي حاصل نه ٿا ڪري سگھن. اهڙي صورتحال ۾ وسيلن جا خود مالڪ ٿيڻ واري منزل حاصل ڪرڻ ممڪن ڪونهي.

ان لاءِ تنظيم جو هي موقف آهي ته جبري پورهئي جي قانون تي عمل ڪري زميندار جو هارين تي موجود غير معمولي قرض ختم ڪري نئين دؤر جي شروعات ڪريون. گھٽ خرچ توڙي ماحول دوست قدرتي زراعت جي طور طريقن وسيلي جديد حساب ڪتاب جي ذريعي پنهنجي فارمن ۽ هارين جي طاقت کي منظم ڪري ٻين

الاقوامي سرمائيدار ڪمپنين ۽ انهن جي حصيدار ملڪي طاقتور ادارن کان پنهنجا وسيلا بچايون ۽ عالمي منڊي مان پنهنجو بهتر حصو وٺي سگهون.

جڏهن تہ هاري خاندان ظلم، تشدد ۽ جبري پورهئي مان آزاديءَ لاءِ زمين ۽ زميندار کي ڇڏي ڀڄي رهيا آهن. انهن جي ان عمل کي جبري مشقت جي خاتمي جي لاءِ 1992ع ۽ 1995ع جا رولز نہ صرف جائز قرار ڏين ٿا پر حڪومت کي اهڙي آزاد هاري خاندانن کي ٻيهر سماجي بحالي لاءِ هدايت ڪن ٿا. (جبري پورهيو وٺڻ وارن زميندارن، سرمايہ دارن کي سزا ڏيڻ جو حڪم ڏنل آهي. پنهنجو پاڻ کي معاشي نقصانن ۽ عالمي مارڪيٽ جي پابندين کان بچڻ لاءِ جبري پورهيو ختم ڪرڻو پوندو. جيڪي زميندار جبري پورهيو نٿا ڪرائين انهن جي پڻ ذميواري آهي تہ هو جبري پورهئي جي خاتمي لاءِ ڪوششون ڪن.)

**محمد رمضان ميمڻ**
پروجيڪٽ ڪوآرڊينيٽر
ٻنڌار هاري سنگت

# انساني حقن جو عالمي پڌرنامون

انساني حقن جو عالمي منشور سڀني قومن لاءِ مقصد جي حصول لاءِ هڪ گڏيل معيار رهندو ته جيئن هر فرد ۽ معاشري جو هر ادارو ان منشور کي هميشہ نظر ۾ رکندي تعليم ۽ تبليغ وسيلي انهن حقن ۽ آزادين جو احترام پيدا ڪندو ۽ انهن کي قومي بين الاقوامي قدمن وسيلي ميمبر ملڪن ۾ ۽ انهن قومن ۾ جيڪي ميمبر ملڪن جي ماتحت هجن، مڃائڻ ۽ انهن تي عمل ڪرائڻ لاءِ بتدريج ڪوششون ڪندو.

**شق نمبر** 1: سڀ انسان آزاد، حقن ۽ عزت جي اعتبار سان برابر پيدا ٿيا آهن. انهن کي ضمير ۽ عقل مليل آهي. انهن کي هڪ ٻئي سان ڀائيچاري جو سلوڪ ڪرڻ گهرجي.

**شق نمبر** 4: ڪوبہ فرد، غلام يا ٻانهي ڪري نٿو رکي سگهي. غلامي ۽ برده فروشي، ڀوءِ ڀلي ان جي ڪهڙي بہ شڪل هجي منع ڪيل هوندي

**شق نمبر** 5: ڪنهن بہ شخص کي جسماني اذيت يا ظالماڻي انسانيت سوز يا ذلت ڀري سزا نہ ڏني ويندي.

**شق نمبر** 7: قانون جي نظر ۾ سڀ انسان برابر آهن ۽ سڀ بنا ڪنهن فرق جي قانون اندر امن حاصل ڪرڻ جا برابر حقدار آهن. ان اعلان جي ڀڃڪڙي ۾ جيڪو بہ فرق ڪيو ويندو، يا جنهن بہ فرق جي صلاح ڏني ويندي، ان کان بچاءَ جا سڀ حقدار آهن.

**شق نمبر** 23 (1): هر شخص کي ڪم ڪار ۽ روزگار جي آزاداڻي چونڊ، ڪم ڪار جي مناسب ۽ معقول شرڪت ۽ بيروزگاري خلاف تحفظ جو حق آهي.

(2) هر شخص کي ڪنهن فرق بنا ڪم لاءِ برابر معاوضي جو حق آهي.

(3) هر شخص جيڪو ڪم ڪري ٿو اهو اهڙي مناسب ۽ معقول معاوضي جو حق رکي ٿو. جيڪو خود ان لاءِ ۽ ان جي ڪٽنب جي لاءِ باعزت زندگي جو ضامن هجي ۽ جنهن ۾ جيڪڏهن ضروري هجي تہ معاشري اندر تحفظ جي ٻين ذريعن سان بہ واڌارو ڪيو وڃي.

(4) هر شخص کي پنهنجي مفاد جي بچاءُ لاءِ تجارتي انجمنون (ٽريڊ يونين) قائم ڪرڻ ۽ ان ۾ شريڪ ٿيڻ جو حق حاصل آهي.

## محنت جي بين الاقوامي تنظيم ILO جا جبري پورهئي جي خلاف ڪنوينشن

1. جبري مشقت جي حوالي سان ILO جي ڪنوينشن 29 جنهن تي پاڪستان 1991ع ۾ دستخط ڪيو. جنهن جون نمايان خصوصيات هيٺ ڏجن ٿيون:

- ڪنوينشن تي دستخط ڪرڻ ۽ ان کي تسليم ڪندڙ رياست جا اولين فرض جبري پورهئي جي استعمال ۽ ان جي سمورن قسمن کي گهٽ کان گهٽ وقت ۾ ختم ڪرڻو آهي.
- ڪنوينشن جو اطلاق مخصوص صورتحال ۽ ضمانتن تي منحصر لازمي محنتن جي پنجن قسمن تي نٿو ٿئي. اهي پنج قسم هي آهن: لازمي فوجي خدمت، خصوصي شهري ذميواريون، جيل ۾ ٿيندڙ محنت هنگامي ضرورت تحت ورتو ويندڙ ڪم ۽ معمولي سماجي خدمتون.

- لازمي يا جبري پورهئي تي غير قانوني عمل درآمد قابل سزا جرم هوندو

2 جبري مشقت جي حوالي سان ILO جي هڪ ٻئي ڪنوينشن 15 تي پاڪستان 1960ع ۾ دستخط ڪري چڪو آهي. هن ڪنوينشن مطابق مخصوص مقصدن لاءِ ورتي ويندڙ ڪنهن به قسم جي لازمي يا جبري پورهئي جي منع ٿيل آهي. ان ئي تحت رياست پنج قسمن ۾ ورتي ويندڙ ڪنهن به قسم جي لازمي يا جبري پورهئي کي ختم ڪرڻ جي ذميوار آهي. اهي قسم هي آهن:

(الف) بطور سياسي جبر يا تعليم يا اهڙي سزا جيڪا سياسي نقطہ نظر رکندڙ يا ان جو اظهار ڪرڻ تي يا ڪنهن اهڙي نقطہ نظر تي جيڪو عهدي حاضر جي سياسي معاشرتي يا اقتصادي نظام جي مخالف هجي.

(ب) تحريڪ پيدا ڪرڻ يا اقتصادي ترقي/ بهبود جي خاطر.

(ج) محنت جي ضابطن جي خاطر.

(د) هڙتالن ۾ شرڪت جي سزا جي طور تي.

(هـ) مذهبي قومي معاشرتي يا انساني تعريف جي لائق.

## جبري پورهئي ۽ ان جا شڪار پورهتين جي حوالي سان پاڪستان جي آئين (1973 ع) ۾ موجود ڪجهه اهم نقطا:

### آرٽيڪل-9. فرد جي سلامتي:

ڪنهن بہ شخص کي زندگي ۽ آزاديءَ کان محروم نہ ڪيو ويندو سواءِ قانون جي تقاضا پوري ڪرڻ جي عيوض سان.

### آرٽيڪل-11. غلامي ۽ جبري پورهئي تي پابندي:

(1) غلامي تي پابندي آهي ۽ ڪوبہ قانون ڪنهن بہ صورت ۾ هن کي پاڪستان ۾ رواج ڏيڻ جي اجازت نہ ڏيندو.

(2) سيني قسمن جي جبري پورهئي ۽ انسان جي خريد ۽ وڪري جي اجازت نہ آهي.

### آرٽيڪل-14. انساني احترام جي پابندي:

سيني شهرين کي بنيادي انساني وقار جي تحفظ جي ضمانت حاصل آهي. وڌيڪ اهو تہ ڪنهن جي گهر جي خلوت (عزت) ۾ دخل اندازي نٿي ڪري سگهجي، سواءِ ان صورت جي جنهن ۾ قانون جون تقاضائون پوريون ڪرڻ لاءِ ائين ڪرڻ لازمي هجي. جڏهن تہ ڪنهن شخص تي شاهدي حاصل ڪرڻ جي مقصد سان تشدد نہ ڪيو ويندو.

### آرٽيڪل-15. چرپر ۽ اچ وڃ جي آزادي:

قانون هيٺ لاڳو مناسب پابندين هيٺ هر شهري کي ملڪ جي ڪنهن بہ حصي ۾ وڃڻ ۽ رهائش اختيار ڪرڻ جو حق آهي.

# جبري پورهئي جي خاتمي جو قانون
## (ايڪٽ) 1992ع

جيئن تہ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي دستور جي شق 11 (يارنهن) جي فقري 2 تحت جبري پورهئي جي مڙني قسمن مٿان پابندي عائد ٿيل آهي. تنهن ڪري اهو ضروري آهي تہ جبري پورهئي جي نظام جو خاتمو ڪيو وڃي، تہ جيئن ملڪ ۾ مزدور طبقي جي معاشي ۽ جسماني استحصال کي لازمي روڪي سگهجي ۽ ان سان لاڳاپيل يا ضمني معاملن جو بہ انتظام ڪيو وڃي. انهي مقصد جي حصول لاءِ وفاقي حڪومت طرفان 1992ع ۾ قانون جوڙيو ويو جيڪو هيٺ واضح ڪجي ٿو.

1. **مختصر عنوان. نافذ ٿيڻ جي تاريخ ۽ وسعت:**

(1) هن قانون کي بانڊيڊ ليبر سسٽم (اباليشن) ايڪٽ (جبري پورهئي جي خاتمي وارو قانون) سڏيو ويندو آهي.

(2) هن قانون جي وسعت پوري پاڪستان تائين آهي.

(3) هي قانون في الفور نافذالعمل آهي.

2. **وصفون:** هن قانون جي مضمون ۾ استعمال ڪيل اصطلاحن جو مفهوم هيٺئين ريت سمجهيو وڃي.

**(اي) ايڊوانس يا سوٽي:** ان مان ڪابہ ايڊوانس يا سوٽي، توڙي اها نقد رقم يا جنس جي صورت ۾ يا ڪجهہ نقد ڪجهہ جنس جي صورت ۾، جيڪا ڪنهن شخص (جنهن کي بعد ۾ قرض ڏيندڙ چيو وڃي) ڪنهن ٻئي شخص (جنهن کي بعد ۾ مقروض سڏيو وڃي) کي ڏني هجي.

**(بي) مزدوري سان مشروط قرض:** بانڊيڊ قرض مان مراد ايڊوانس يا پيشگي جيڪا ڪنهن جبري مزدور، جبري پورهئي جي نظام تحت وصول ڪئي هجي يا وصول شده قرار ڏنو ويو هجي.

**(سي) بانڊيڊ ليبر:** (جبري پورهئي) مان مراد آهي ڪنهن بہ قسم جو پورهيو يا ملازمت جيڪا جبري پورهئي جي نظام تي ٻڌل هجي.

**(ڊي) بانڊيڊ ليبرر:** (جبري مزدور) مان مراد آهي اهو مزدور جنهن مزدوريءَ سان مشروط قرض ورتو هجي يا جنهن کي مزدوريءَ سان مشروط قرض وصول ڪندڙ قرار ڏنو وڃي.

**(اي) جبري پورهئي جي نظام:** مان مراد آهي جبري طور پورهيو وَٺڻ (جنهن تحت قرض وٺندڙ قرض ڏيندڙ سان اهڙو معاهدو ڪري يا ڪيو هجي يا ڪيل قرار ڏنو وڃي.)

جنهن مطابق:

(i) انهيءَ ايڊوانس يا سوٽي پيشگي عيوض جيڪا انهيءَ پاڻ يا سندس خاندان جي ڪنهن ڀاتيءَ حاصل ڪئي هجي (جيتوڻيڪ ان ايڊوانس يا سوٽي بابت ڪوبہ دستاويز لکيل نہ هجي) ۽ ان وياج جي عيوض جيڪو ان سوٽي تي واجب الادا هجي يا

(ii) ڪنهن رسمي يا سماجي ذميداريءَ جي سبب

(iii) ڪنهن معاشي رعايت جي ڪري. جيڪا انهيءَ خود يا ان خاندان جي ڪنهن ڀاتيءَ حاصل ڪئي هجي، جنهن سبب هو پابند ٿي وڃي تہ

(1) هو پاڻ يا پنهنجي خاندان جي ڪنهن ڀاتيءَ يا ڪنهن ٻئي شخص (جنهن جو پاڻ سنڀاليندڙ هجي) ذريعي قرض ڏيندڙ جي

لاءِ پورهيو يا ملازمت موجب ڪم ڪندو رهي يا ان (قرض ڏيندڙ) جي مفاد ۾ ڪنهن مقرره ڪيل يا غير مقرره ڪيل عرصي لاءِ نالي ماتر اجرت يا بغير ڪنهن اجرت تي يا

(2) پنهنجي ملازمت جي خود مختياريءَ يا ڪنهن ٻئي طريقي سان روزي ڪمائڻ جي ذريعن کي حاصل ڪرڻ کان مقرر ڪيل يا غير مقرر ڪيل عرصي لاءِ محروم ٿي وڃي يا

(3) هڪ جاءِ کان ٻي جاءِ ڏانهن لڏ پلاڻ ڪرڻ جي حق کان محروم/ ضبط ٿي وڃي.

(4) پنهنجي ملڪيت ۽ پنهنجي خاندان جي ڪنهن ياتي يا پنهنجي زير ڪفالت ڪنهن ٻئي شخص جي محنت سان تيار ڪيل شيون استعمال ڪرڻ يا مارڪيٽ جي اگهه سان وڪرو ڪرڻ جو حق ڦٻايو وڃي ٿو. بشمول جبري يا جزوي جبري پورهئي جي نظام جي، جنهن تحت مقروض جي ضامن قرض ڏيندڙ سان معاهدو ڪيو هجي يا معاهدو ڪيل قرار ڏنو وڃي، جنهن موجب قرض جي واپسيءَ ۾ ناڪامي سبب اهو قرض عيوض جبري پورهيو ڪندو.

## (ايف) "خاندان" جو مطلب آهي

(i) مرد جبري مزدور هجڻ جي صورت ۾ ان جي زال يا زالون ۽ عورت جبري مزدور هجڻ جي صورت ۾ ان جو مڙس ۽

(ii) والدين، ٻار، نابالغ ياٺر ۽ غير شادي شده، طلاق يافته يا بيوه ڀينر جيڪي جبري مزدور جي پورهئي تي پلجندا هجن.

(جي) ڪنهن بہ قسم جي محنت عيوض نالي ماتر اجرت مان مراد اهڙي اجرت آهي جيڪا هيٺ ذڪر ڪيل اجرت کان گهٽ هجي.

(i) ڪنهن رائج الوقت قانون تحت حڪومت جي مقرر ڪيل گهٽ ۾ گهٽ اجرت, ان ڪم لاءِ يا ان جهڙي ٻئي ڪم لاءِ ۽

(ii) جتي اهڙي ڪابہ گهٽ ۾ گهٽ اجرت ڪنهن ڪم لاءِ مقرر ٿيل نہ هجي تہ ان علائقي ۾ ان ڪم يا اهڙي نموني جو ڪم ڪندڙ مزدورن کي عام طور ادا ڪيون ويندڙ اجرتون ۽

(iii) "مقرر ڪيل" مان مراد آهي تہ قانون تحت ٺاهيل قائدن تحت مقرر ڪيل.

## 3. هي قانون ٻين قانونن جي ڀيٽ ۾ فوقيت رکي ٿو.

هن قانون جا فقرا بلحاظ ڪنهن رائج الوقت ٻئي قانون جي فقرن جي يا ڪنهن مؤثر دستاويز جي شموليت جي (جيڪي ان قانون جي ڪري مؤثر هجن) نافذالعمل آهن.

## 4 جبري پورهئي جي نظام جو خاتمو:

(i) هن قانون جي نافذ ٿيڻ سان جبري پورهئي جو نظام منسوخ ٿي ويندو ۽ هر جبري مزدور آزاد سمجهيو ويندو ۽ جبري پورهئي ڪرڻ جي پابنديءَ کان آجو ٿي ويندو.

(ii) ڪوبہ شخص جبري پورهئي جي نظام تحت ايڊوانس ڏئي. نہ ئي ڪنهن شخص کي جبري پورهئي يا ڪنهن ٻئي قسم جي جبري مزدوري لاءِ مجبور ڪري.

## .5 معاهدو يا رسم وغيره ختم آهن

ڪابہ رسم و رواج، ريت يا ڪوبہ معاهدو سمجهوتو يا ٻيو اقرار نامو خواه ڦن قانون لاڳو ٿيڻ کان اڳ ڪيو ويو هجي يا عمل ۾ آندو ويو هجي جنهن موجب ڪنهن شخص يا ان جي خاندان جي ڪنهن ڀاتيءَ کي ڪو ڪم يا ملازمت بطور جبري مزدور جي انجام ڏيڻي هجي، ڪالعدم ۽ غير مؤثر سمجهيو ويجي.

## .6 باندبہ قرض (مشروط قرض) جي ادائيگيءَ کان آجو ٿيڻ:

(1) هن قانون تي عمل جي آغاز سان جبري مزدور کان ڪنهن بہ مشروط قرض جي ادائيگي جي ذمہ داري يا ڪنهن بہ مشروط قرض جي رهت جيڪا هن قانون لاڳو ٿيڻ کان اڳ ادا نہ تي هجي، ختم سمجهي ويندي.

(2) هن قانون تي عمل جي آغاز کان پوءِ ڪنهن بہ ديوان، عدالت، ٽريبونل يا ڪنهن ٻي اختياريءَ جي سامهون ڪنهن بہ مشروط قرض يا ان جي حصي جي وصولي لاءِ ڪوبہ مقدمو يا ڪا ٻي ڊڪري يا قرقي پاس ٿي نہ سگهندو.

(3) مشروط قرض جي وصوليءَ لاءِ هر قسم جو عدالتي فيصلو يا حڪم جيڪو هن قانون جي آغاز کان اڳ جاري ٿيو هجي ۽ جنهن جي هن قانون جي آغاز کان اڳ وصولي نہ ٿي سگهي هجي. اهو هن قانون جي آغاز کان بعد مڪمل طور وصول ٿيل تصور ڪيو ويندو.

(4) هن قانون جي آغاز کان پهريائين جتي بہ ڪنهن جبري مزدور يا ان جي خاندان جي ڪنهن ڀاتي جي جائيداد جو قبضو ڪنهن قرض ڏيندڙ ڪنهن بہ مشروط قرض جي وصوليءَ لاءِ زبردستي

قبضو ڪيو هجي تہ هن قانون جي لاڳو ٿيڻ کان 90 ڏينهن اندر اها جائيداد ان شخص کي واپس ڪرڻ لازمي ٿي پوندو جنهن کان اها ڦري وئي هئي.

(5) هن قانون جي نافذ ٿيڻ کان پهريائين "مشروط قرض" جي ڪنهن وصوليءَ لاءِ هر قسم جي قرقي هن قانون جي آغاز سان ختم سمجهي ويندي ۽ جتي ان قرقي جي لاءِ جبري مزدور جي جائيداد ضبط ڪئي وئي هجي ۽ ڪنهن عدالت، ٽريبونل يا ٻي اختياري جي نظرداريءَ هيٺ وڪرو ڪرڻ لاءِ هجي تہ اها جائيداد هن قانون جي آغاز کان پوءِ 90 ڏينهن اندر جبري مزدور کي واپس ڪئي وڃي. جيڪڏهن ضبط ٿيل جائيداد هن قانون جي آغاز کان اڳ جبري قرض جي سلسلي ۾ نيلام يا حڪم جي بنياد تي وڪرو ڪئي وئي هجي تہ هن قانون جي فقرن جو ان وڪري يا نيلاميءَ تي ڪوبہ اثر نہ ٿيندو.

(6) ذيلي فقري 5 سان لاڳاپيل جيڪڏهن ڪنهن گروي مزدور جي مزودريءَ سان مشروط قرض جي وصوليءَ لاءِ ان جي جائيداد وڪري يا منتقلي جي ڪابہ شڪل، ان قانون جي لاڳو ٿيڻ کان پهريائين عمل ۾ اچي وئي هجي تہ ان جي نتيجي ۾ ان جائيداد تي نہ ڪنهن جو حق ٿيندو ۽ نہ ڪوئي حق منتقل ٿيندو ۽ نہ ئي وياج لاڳو ٿيندو ۽ اها جائيداد هن قانون جي آغاز کان 90 ڏينهن اندر جبري مزدور کي واپس ڪئي ويندي.

(7) جيڪڏهن ذيلي دفعہ (4)، (5) ۽ (6) ۾ ذڪر ڪيل جائيداد جو قبضو هن قانون جي آغاز کان (90) ڏينهن اندر واپس نہ ڪيو ويو تہ متاثر ٿيل شخص مقرر ٿيل مدت اندر جوڙيل متعلقہ اختياري

ڪي ان جائيداد جي واپس بحاليءَ لاءِ درخواست ڏئي سگھي ٿو ۽ مقرره اختياري قرض ڏيندڙ کي معقول سماعت جوموقعو ڏيڻ کان پوءِ ان کي حڪم ڏئي سگھي ٿي تہ درخواست ڏيندڙ کي متعلقہ جائيداد واپس حڪم ذريعي ڏني وئي آهي جنهن تي مقرره عرصي اندر عمل ڪيو وڃي.

(8) مقرره اختياري طرفان ذيلي دفعہ (7) تحت ڏنل حڪم کي ديواني عدالت جو حڪم سمجهيو وڃي، جنهن جي سماعت ڪرڻ لاءِ علائقائي حدن ۾، جتي قرض ڏيندڙ رهائش پذير آهي يا ڪاروبار ڪندو آهي يا ذاتي طور تي پنهنجي مفاد جي لاءِ ڪم ڪندو هجي.

(9) جيڪڏهن ڪٿي جبري پورهئي جي نظام تحت ڪنهن قرض جي ادائيگي جي لاءِ ڪو مقدمو يا ڪارروائي بشمول جبري مزدور کي ادا ڪيل ايڊوانس يا پيشگي جي وصوليءَ لاءِ مقدمو يا ڪارروائي، هن قانون جي آغاز وقت زير سماعت هجي تہ اها ڪارروائي يا مقدمو خارج سمجهيا وڃن.

(10) هن قانون جي نافذ ٿيڻ کان فوراً بعد جيڪڏهن ڪو جبري مزدور ڪنهن غير فوجداري مقدمي تحت قيد هجي، خواه فيصلي کان پهريائين يا فيصلي کانپوءِ تہ ان کي قيد مان فوراً آزاد ڪيو وڃي.

7. **جبري مزدور جي جائيداد وياج وغيره کان آزاد ڪئي وڃي:**

(1) جبري مزدور جي سموري جائيدادجيڪا هن قانون جي آغاز کان فوراً اڳ ڪنهن مشروط قرض جي عيوض گروي، ضمانت يا وياج

جي زيربار هجي تہ مشروط قرض جي رقم تائين آزاد ڪئي وڃي ۽ گروي، ضمانت يا وياج ڪان آجي سمجهي وڃي ۽ جنتي بہ اها جائيداد هن قانون جي آغاز ٿيڻ کان ڪجهہ وقت اڳ گروي رکندڙ يا زير ضمانت يا وياج رکندڙ جي قبضي ۾ هجي تہ هن قانون جي لاڳو ٿيڻ سان جبري مزدور جو قبضو بحال ڪيو وڃي بشرطيڪ ڪا بہ واجب الادا رقم ان جائيداد تي باقي نہ هجي.

(2) جيڪڏهن ڪنهن جبري مزدور کي دفعہ (1) مطابق ڪنهن جائيداد جي بحالي ۾ دير ٿئي تہ اهو هن قانون جي آغاز جي تاريخ کان گروي رکندڙ يا ضمانت هيٺ يا وياج رکڻ واري وقت کان وچ واري عرصي جو منافعو وصول ڪرڻ جو حقدار آهي جنهن جو اڳهہ گهٽ ۾ گهٽ مالي اختيار سماعت رکندڙ ديواني عدالت متعين ڪري جنهن جي علائقائي حدن اندر اها جائيداد واقع هجي.

**8. قرض ڏيندڙ، منسوخ شده قرض عيوض ڪا بہ ادائيگي قبول نہ ڪري:**

(1) ڪوبہ قرض ڏيندڙ ڪنهن بہ مشروط قرض عيوض جيڪو هن قانون جي فقرن تحت منسوخ ٿي ويو هجي يا بيباق تصور ڪيو ويو هجي يا مڪمل ادا ٿي ويو هجي، ڪا بہ ادائيگي قبول نہ ڪري.

(2) ذيلي فقري (1) جي خلاف ورزي ڪندڙ ٽن سالن تائين قيد جو يا ڏنڊ (جيڪو پندرنهن هزار روپيين کان گهٽ نہ هجي) سزاوار ٿيندو يا ٻئي سزائون هڪ ئي وقت کيس ٻڌائي سگهجن ٿيون.

(3) ڪنهن بہ شخص کي ذيلي فقري (2) تحت ڏوهہ جو ڏوساري مرتڪب ڏسندي ان فقري مطابق سزا نافذ ڪرڻ کان علاوه عدالت ان شخص کي حڪم ڏيئي سگهي ٿي تہ ذيلي فقري (1) جي خلاف ورزي ڪندي ان جيڪا رقم قبول ڪئي هجي اها رقم انهيءَ عرصي اندر (جيڪو حڪم ۾ مقرر ڪيو وڃي) جبري مزدور کي واپس ڪرڻ لاءِ عدالت ۾ جمع ڪرائي.

**9. هن قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ حاڪم مجاز جي مقرري:**

صوبائي حڪومت ضلعي مئجسٽريٽ کي اهڙا اختيار ڏئي سگهي ٿي ۽ ان مٿان اهڙي ذميواريون عائد ڪري سگهي ٿي جيڪي هن قانون تي مناسب عمل درآمد کي يقيني بنائين ۽ ضلعي مئجسٽريٽ پنهنجي ماتحت آفيسر کي پنهنجا (ضلعي مئجسٽريٽ جا) سيئي يا چند اختيار استعمال ڪرڻ ۽ ڪجهہ يا سيئي فرض انجام ڏيڻ لاءِ نامزد/ مقرر ڪري سگهي ٿو ۽ انهن مقامي حدن کي مقرر ڪري سگهي ٿو جن اندر مقرر ٿيل آفيسر کي فرائض انجام ڏيڻا هجن.

**10. ضلعي مئجسٽريٽ ۽ ان جي نامزد / مقرر ڪيل آفيسرن جا فرض:**

(1) فقري (9) تحت صوبائي حڪومت طرفان نامزد ڪيل ضلعي مئجسٽريٽ ۽ ساڳئي فقري تحت مئجسٽريٽ طرفان مقرر نامزد ڪيل آفيسر (ممڪنہ حد تائين قابل عمل هجي) آزاد ٿيل جبري مزدور جي ڀلائيءَ ۾ ان جي اقتصادي مفادن جي حفاظت ڪري، انهن کي تقويت ڏيڻ جي ڪوشش جاري رکي تہ جيئن ان لاءِ وڌيڪ مشروط قرض وٺڻ جو ڪوبہ سبب يا موقعو پيدا نہ ٿئي.

(2) فقري (9) تحت هر ضلعي مئجسٽريٽ ۽ ان جي طرفان مقرر/ نامزد ڪيل هر آفيسر جو فرض آهي تہ هو اهو معلوم ڪري تہ هن قانون جي آغاز کان پوءِ ڪنهن جبري پورهئي جي نظام يا ڪنهن بي شڪل ۾ جبري پورهئي تي ڪوبہ شخص پاڻ يا ان جي طرفان ڪو ٻيو عمل ڪري رهيو هجي، جيڪو سنڌس عملداري جي حدن اندر رهائش پذير هجي ۽ جيڪڏهن ان تحقيقات جي نتيجي ۾ ڪنهن جبري پورهئي جي نظام يا جبري محنت جي ڪنهن ٻئي طريقي تي ڪوبہ شخص عمل ڪندي ڏٺو وڃي تہ (ضلعي مئجسٽريٽ يا مجاز آفيسر) قانون تي عمل ڪرائڻ لاءِ ضروري قدم کڻي.

### 11. جبري پورهيو ڪرائڻ عيوض سزا:

هن قانون جي آغاز کان پوءِ ڪوبہ شخص ڪنهن ٻئي شخص کي ڪابہ جبري محنت/ پورهيو ڪرڻ لاءِ مجبور ڪندو تہ اهو اهڙي سزا جو سزاوار ٿيندو جيڪا ٻن سالن کان گهٽ ۽ پنج سالن کان وڌيڪ نہ هوندي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهہ هزار روپين کان گهٽ نہ هوندو يا ٻئي سزائون ڪيس ٻڌائي سگهجن ٿيون.

### 12. جبري پورهئي جي خاتمي جي نظام تحت جبري پورهيو وٺڻ تي سزا:

هن قانون جي آغاز کان پوءِ ڪوبہ ماڻهو ڪنهن رسم، روايت، رواج، معاهدي سمجهوتي يا ڪنهن ٻئي دستاويز جي تعميل ۾ ڪنهن شخص يا ان جي خاندان جي ڪنهن پاتي کان جبري مشقت جي نظام تحت ملازمت ڪرڻ جو مطالبو ڪري تہ ان کي قيد جي سزا ٿيندي.

جيڪا ٻن سالن کان گهٽ ۽ پنجن سالن کان وڌيڪ نہ هوندي يا ڏنڊ (جرمانو) جيڪو پنجاهہ هزار روپين کان گهٽ نہ هوندو يا ٻئي سزائون ۽ جيڪڏهن جرمانو (ڏنڊ) وصول ٿي وڃي تہ ان منجهان جبري مزدور کي هر ان ڏينهن جي عيوض جنهن تي ان کان جبري پورهيو ورتو ويو هجي، ان شرح سان ادائگي ڪئي وڃي جيڪا پنجاهہ روپيہ روزانہ کان گهٽ نہ هجي.

## 13. جبري مزدور جي جائيداد جو قبضو بحال ڪرڻ ۾ غفلت يا ناڪاميءَ تي:

جنهن تي بہ هن قانون تحت ڪنهن جبري مزدور کان کسيل جائيداد واپس ڪرڻ لازم هجي جيڪڏهن اهو هن قانون جي آغاز کان (90) ڏينهن اندر انهي جائيداد جو قبضو ان مزدور کي واپس ڪرڻ ۾ غفلت ڪري يا ناڪام رهي تہ ان کي هڪ سال تائين قيد يا هڪ هزار روپين تائين ڏنڊ جي سزا يا ٻئي سزائون هڪ ئي وقت ۽ جيڪڏهن ڏنڊ وصول ٿي وڃي تہ جبري مزدور کي گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ روپيہ روزانہ جي حساب سان ادائيگي ڪرڻي پوندي. انهن سڀني ڏينهن عيوض جن دوران ان جائيداد تي قبضو ڪيو ويو هو.

## 14. ترغيب يا اعانت ڏوهہ آهي:

ڪوبہ شخص جيڪڏهن اهڙي ڏوهہ جي ترغيب ڏئي، جيڪو هن قانون تحت قابل سزا هجي. خواه اهو ڏوهہ سرزد ٿئي يا نہ ٿئي تہ ان کي اهائي سزا ٿيندي جيڪا ان ڏوهہ لاءِ مخصوص هجي. جنهن لاءِ ترغيب ڏني وئي هجي.

تشريح: هن سيڪشن جي (غرض وغايت) جي لاءِ ترغيب يا اعانت جي اهائي معنيٰ آهي جيڪا تعذيرات پاڪستان (1860ع جي45 هين قانون) ۾ متعين آهي.

### 15. نگران ڪميٽي:

(1) مقرر ٿيل طريقي مطابق ضلعي سطح تي نگران ڪميٽيون تشڪيل ڏنيون وڃن، جيڪي علائقي جي چونڊيل نمائندن، ضلعي انتظاميه، بار ايسو سي ايشن، صحافين جي تسليم ٿيل سماجي تنظيمن ۽ وفاقي توڙي صوبائي کاتن جي نمائندن تي مشتمل هجن.

(2) **نگران ڪميٽين جا هيٺيان فرائض هوندا:**

(اي) هن قانون جي مؤثر تعميل سان لاڳاپيل معاملن ۾ ضلعي انتظاميه کي مشورا ڏيڻ ۽ ان جي تعميل کي مناسب طور تي يقيني بنائڻ.

(بي) آزاد ٿيل جبري مزدور جي بحاليءَ ۾ مدد ڏيڻ.

(سي) هن قانون تي عملدار آمد جي رفتار تي نظر رکڻ.

(ڊي) جبري مزدورن کي اهڙي طرح جي امداد فراهم ڪرڻ جيڪا هن قانون لاڳو ڪرڻ جي مقصدن جي حاصلات لاءِ ضروري هجي.

### 16. ڏوهن جي ٻڌڻي (سماعت) مئجسٽريٽ ڪري:

(1) فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ جنهن کي صوبائي حڪومت ان باري ۾ بااختيار ڪيو هجي. هن قانون تحت ڪنهن به ڏوهه جي ٻڌڻي ڪري سگهي ٿو.

(2) هن قانون تحت ڏوهه جي سماعت سراسري طور تي سگهي ٿي

## 17. ڏوهن جي سماعت جو اختيار:

هن قانون تحت سڀئي ڏوهہ پوليس جي دست اندازي جي قابل ۽ قابل ضمانت آهن.

## 18. ڪمپنين جا ڏوهہ:

(1) جڏهن هن قانون تحت ڪنهن ڏوهہ جي ڏوهاري ڪا ڪمپني ٿيندي هجي تہ هر اهو شخص جيڪو ڏوهہ وقت انچارج (بااختيار) هو يا ڪمپني جو ڪاروبار هلائڻ جو ذمہ دار هو ان ڪمپني سميت ان کي ڏوهہ جو مرتڪب سمجهيو ويندو ۽ ان جي خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي ٿي ۽ نتيجي ۾ ان کي ئي سزا ڏئي سگهجي ٿي.

(2) بنا لحاظ ان جي جيڪي ذيلي دفعہ (1) جي فقرن جي، جتي بہ هن قانون تحت ڪنهن ڏوهہ جي مرتڪب ڪابہ ڪمپني ٿي هجي ۽ اهو ثابت ٿي وڃي تہ ڏوهہ جو ارتڪاب ڪنهن ڊائريڪٽر، مئنيجر يا ڪمپني جي ٻئي آفيسر جي رضامندي، پس پرده همت افزائي يا ان جي غفلت سبب ٿيو آهي تہ اهو ڊائريڪٽر، مئنيجر يا ڪمپني جو ٻيو آفيسر ان ڏوهہ جو مرتڪب تصور ڪيو ويندو ۽ ان جي خلاف ڪارروائي عمل ۾ آڻي سگهجي ٿي، ۽ نتيجي ۾ ان کي ئي سزا ڏئي سگهجي ٿي.

(2) تشريح: ان فقري جي وضاحت لاءِ:

(اي) "ڪمپني" مان مراد آهي ڪا انجمن بشمول ڪنهن فرم يا فردن جي جماعت جي ۽

(بي) ”ڊائريڪٽر“ جي معنيٰ آهي فرم ۾ حصيدار.

19. **نيڪ نيتيءَ سان کنيل قدمن جو تحفظ:**

هن قانون تحت نيڪ نيتي سان کنيل قدم يا ڪجهندڙ قدم سبب حڪومت يا حڪومت جي ڪنهن آفيسر خلاف قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي

20. **عدالتي اختيارن جي دائري تي پابندي:**

سواءِ ان جي جيڪو قانون ۾ اهتمام ڪيو ويو آهي، ڪنهن بہ عدالت کي ڪنهن بہ معاملي جنهن تي هن قانون جا فقرا لاڳو ٿيندا هجن، اختيار نہ آهي ۽ نہ ئي ڪنهن ڪجهندڙ قدم يا جنهن جي ڪجهڻ جو امڪان هجي، متعلق ڪابہ عدالت منع نامي جو حڪم جاري نہ ڪري.

21. وفاقي حڪومت هن قانون جي مقصدن جي حصول لاءِ سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

(نوٽ: جبري پورهئي جي خاتمي جا قاعدا، 1995ع کان پوءِ حڪومت پاڪستان جي ڪابينا 2001ع ۾ جيڪا قومي پاليسي ايڪشن پلان منظور ڪيو ان ۾ وجيلنس ڪميٽي جي بناوت شق (6) ۽ فرائض شق (7) تبديليون ۽ اضافا پيش ڪري رهيا آهيون).

# جبري پورهئي جي نظام جي خاتمي لاءِ
# قاعدا 1995 ع

ايس. آر. او 723(1) 95ع وفاقي حڪومت بانڊيڊ ليبر (اباليشن) سسٽم جبري پورهئي جي خاتمي جي (نظام) لاءِ قانون 1992ع (1992ع جو 3) تحت حاصل اختيار استعمال ڪندي هيٺيان قانون ناهڻ لاءِ رضامند آهي. يعني:

1. **مختصر عنوان:**

(1) هي قانون بانڊيڊ ليبر سسٽم (اباليشن) رولز (جبري پورهئي جي خاتمي جا قاعدا) سڏيو ويندو.

(2) انهن تي فوراً عمل ڪيو ويندو.

(2) **وصف:**

(1) هنن قاعدن ۾ استعمال ڪيل اصطلاحن جو مطلب هيٺين ريت سمجهيو وڃي:

(اي) قانون مان مراد بانڊيڊ ليبر سسٽم (اباليشن) قانون 1992ع (1992ع جو 3) آهي.

(بي) "اختياري" (اٿارٽي) مان مراد رول 3 تحت جوڙيل اختياري آهي.

(سي) "چيئرمين" مان مراد (وجيلنس ڪميٽيءَ) نگران ڪميٽي جو چيئرمين آهي.

(ڊي) فنڊ مان مراد رول 9 تحت قائم ڪيل فنڊ آهي.

(اِي) (وجيلنس ڪميٽيءَ) نگران ڪميٽي مان مراد رول 6 تحت جوڙيل (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي آهي.

(2) ان کان علاوه استعمال ڪيل ٻيا محاورا، جن جي وضاحت نہ ڪئي وئي آهي. انهن جي معنيٰ ۽ مطلب قانون ۾ واضح ڪيل معنيٰ ۽ مطلب سمجهيو ويچي.

(3) جبري مزدوري يا سندس خاندان جي ڪنهن ڀاتيءَ جي قبضو ڪيل جائيداد/ ملڪيت جو قبضو واپس ڪرائڻ لاءِ مجاز اختياري:

(1) صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن بہ ملڪيت تي قبضو واپس ڪرائڻ متعلق درخواستون اڪلائڻ لاءِ قانون جي فقري 6 جي سب فقري (7) تحت هڪ يا هڪ کان وڌيڪ اختياريون جوڙيندي ۽ انهن جو دائره اختيار مقرر ڪندي، جنهن اندر اهي ڪميٽيون پنهنجا فرائض سرانجام ڏينديون.

(2) (1): سب رول (1) تحت جوڙيل اختياريءَ ۾ صوبائي حڪومت جو آفيسر (جنهن وٽ سول ڪورٽ جي جج جي حيثيت سان ڪم ڪرڻ جو تجربو هجي) شامل هوندو.

(3) جبري مزدور يا سندس گهر جو ڀاتي پاڻ يا وڪيل جي معرفت مجاز اختياريءَ اڳيان پنهنجي ڪنهن بہ قسم جي ملڪيت جو قبضو واپس ڪرائڻ لاءِ (جيڪا وڪرو ڪيل، منتقل ڪيل، ضبط ڪيل يا قانون جي فقري 6 تحت واضح ڪيل معنيٰ مطابق هجي) درخواست داخل ڪرائي سگهي ٿو.

(4) جڏهن سب قاعدي 3 تحت درخواست داخل ٿي وڃي تہ اختياري درخواست داخل ڪندڙ ۽ قرض ڏيندڙ يا سندس نمائنده طور ڪم ڪندڙ ڪمدار يا منشي کي ٻڌڻ ضروري پڇا ڳاڇا ڪرڻ کانپوءِ قانون مطابق هدايتون. حڪم يا (جيئن مناسب سمجهي) جاري ڪندي.

(5) اختياري سب قاعدي 3 تحت داخل ڪيل درخواست جو فيصلو ڪنهن بہ صورت ۾ درخواست داخل ٿيڻ جي تاريخ کانپوءِ 30 ڏينهن اندر ڪندي.

(6) نقصان رسايل شخص سب قاعدي 3 تحت هن قانون لاڳو ٿيڻ، واقعي ٿيڻ کان پوءِ ستن سالن اندر اختياريءَ اڳيان درخواست پيش ڪري سگهي ٿو.

## (4) قانون جي شرطن تي عمل ڪرائڻ لاءِ ضلعي مئجسٽريٽ جا اختيارءِ فرض:

(1) صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي صوبي جي هرهڪ ضلعي مئجسٽريٽ کي هيٺيان اختيار منتقل ڪندي.

(اي) پنهنجي عملداريءَ جي علائقي اندر ڪنهن بہ ڪم ڪرڻ جي جاءِ جي چڪاس ڪرڻ، جنهن لاءِ قابل اعتبار شاهدي موجود هجي تہ اتي جبري، پورهئي جو نظام لاڳو ٿيل آهي، ۽ ان جاءِ تي اهڙي چڪاس ڪرڻ يا اتي موجود رڪارڊ، رجسٽر يا ٻيا ڪاغذ جيڪي اتي جو حساب ڪتاب رکڻ لاءِ استعمال هيٺ آهن، جي چڪاس ڪرڻ ۽ هن قانون جي لاڳو ڪرڻ جي مقصدن جي حصول لاءِ ضروري قدم پنهنجي فرض ادائگي لاءِ (جيئن هو پاڻ مناسب سمجهي) کڻي ۽ متعلقہ معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ گهرائي.

(بي) قرض ڏيندڙ يا ڪنهن ٻئي شخص کي اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ گهرائڻ، ۽ اهڙي معلومات حاصل ڪرڻ، جيڪا هو (ڊپٽي ڪمشنر) پنهنجي فرض ادائيگي لاءِ ضروري سمجهي.

(سي) هن قانون جي شرطن تي عملدارآمد يا پيچڪڙيءَ سان لاڳاپيل ڪنهن بہ معاملي جي چڪاس ڪرڻ ۽

(ڊي) قانون جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ منتقل ڪيل ڪي بہ ٻيا اختيار استعمال ڪري.

(2) صوبائي حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ضلعي مئجسٽريٽ کي هينيان ، سيئي يا جزوي طور انهن مان ڪوبہ فرض ادا ڪرڻ لاءِ سونپي سگهي ٿي. يعني:

(اي) پنهنجي عملداريءَ جي علائقي اندر موجود سرڪاري توڙي غير سرڪاري تنظيمن کي متحرڪ ڪرڻ انهيءَ مقصد لاءِ تہ اهي گڏيل ڪوجنا ڪري جبري مزدورن جا ڪيس منظر عام تي آڻين تہ جيئن انهن جي آزادي ۽ بحاليءَ لاءِ قانون موجب ضروري اپاءَ وٺي سگهجن.

(بي) جبري پورهئي کان آزاد ٿيل پورهيتن لاءِ تعليمي ادارا ۽ هنري سکيا جا اسڪول کولڻ ۽ سندن تعليم و تربيت لاءِ منصوبہ بندي ڪرڻ.

(سي) انصاف پسند ۽ سماجي ڀلائي جي تنظمين کي آزاد ٿيل جبري مزدور جي معاشي مفادن جي بچاءَ، واڌاري ۽ ڀلائيءَ لاءِ سرگرميون ڪرڻ لاءِ آماده ڪرڻ، تہ جيئن اهو (آزاد ٿيل جبري مزدور) ٻيهر مشروط قرض وٺڻ لاءِ مجبور نہ ٿئي.

(ڊي) قانون نافذ ڪرڻ جي مقصدن جي حاصلات خاطر منتقل ڪيل ٻيا فرض ادا ڪرڻ.

## 5. ضلعي مئجسٽريٽ کي حاصل اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ ٻيا مجاز آفيسر:

(1) ضلعي مئجسٽريٽ قاعدي 4 تحت ڪيس حاصل (سيئي يا جزوي) اختيار استعمال ڪرڻ يا فرض ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي عملداريءَ

واري علائقي ۾ ڪم ڪندڙ سيني ليبر آفيسرن، ليبر انسپيڪٽرن ۽ گهٽ ۾ گهٽ اسسٽنٽ سپرنٽينڊنٽ يا ڊپٽي سپرنٽنڊنٽ پوليس جي گريڊ جي آفيسر کي مقرر ڪري سگهي ٿو.

(2) سب قاعدي (1) تحت جاري ٿيل حڪم نامي ذريعي مقرر ٿيل آفيسر حاصل اختيار پنهنجي عملداريءَ واري علائقي اندر استعمال ڪندو يا فرض ادا ڪندو.

## 6. (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي جي بناوت ۽ گڏجاڻي

(1) صوبائي حڪومتون سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي صوبي جي سيني ضلعن لاءِ هيٺين ميمبرن تي مشتمل (وجيلنس ڪميٽيون) نگران ڪميٽيون تشڪيل ڏينديون، يعني:

| | |
|---|---|
| (اي) ضلعي ناظم | چيئرمين |
| (بي) ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر | ميمبر |
| (سي) صوبائي حڪومت طرفان نامزد ڪيل ضلعي ۽ سيشن جج (رٽائرڊ يا حاضر سرور) | ميمبر |
| (جي) صوبائي حڪومت جي ليبر ۽ مين پاور کاتي طرفان نامزد ڪيل نمائندو | ميمبر |
| (ايچ) زڪوات ڪاميٽي جو نمائندو | ميمبر |
| (آءِ) پاڪستان بيت المال جو نمائندو | ميمبر |
| (جي) خوشحالي بينڪ جو نمائندو | ميمبر |
| (ڪي) ضلعي ڪائونسل جو ميمبر هڪ مزدور/هاري | ميمبر |
| (ايل) انساني حقن جي تحفظ لاءِ ڪم ڪندڙ غير سرڪاري تنظيم جو نمائندو | ميمبر |
| (ايم) نامزد صحافي | ميمبر |

(2) جيئن ئي (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي جڙي ويندي تہ ڪميٽي جو چيئرمين شروعاتي گڏجاڻي ڪوٺائي سرڪاري ملازم ميمبرن مان ڪنهن بہ هڪ کي ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري مقرر ڪندو. جيڪو گڏجاڻيءَ جي ڪاروائيءَ جا فيصلا خاص نقطا چيئرمين کان منظور وٺڻ لاءِ نوٽ ڪرڻ لاءِ جوابده هوندو متعلقہ سرڪاري کاتن يا ٻين ادارن سان لک پڙهہ ڪندو لک پڙهہ ۽ فيصلن جو رڪارڊ سنڀاليندو. قانون ۽ قاعدن جي نافذ ڪرڻ جي مقصدن جي حصول لاءِ ضروري ڪم ڪار سندس ذمي هوندو.

(3) (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي جي هر مهيني جي پهرئين هفتي ۾ گڏجاڻي ٿيندي جنهن جا مقصد ۽ جاءِ جو تعين چيئرمين ڪندو.

(6) (وجيلنس ڪميٽيءَ) نگران ڪميٽي جي هنگامي گڏجاڻي ڪميٽيءَ جا گهٽ ۾ گهٽ ست (7) ميمبر انيتاليهہ ڪلاڪ اڳواٽ لکت ۾ نوٽيس ڏئي سڏائي سگهن ٿا.

## 7 (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي جا ڪم:

**قانون تي عمل درآمد: جبري پورهئي جو شڪار ٿيل پورهيتن جي آزادي:**

قانون تي سختي سان عمل ڪرائڻ جي مقصد لاءِ هيٺيون تدبيرون عمل ڏنيون ويون آهن.

جبري پورهئي جي مسئلي جي باري ۾ گهرو کاتو پوليس، ضلعي انتظاميہ محنت جي کاتي جي انسپيڪٽرن ۽ ٻين سرڪاري آفيسرن جي تعارفي ۽ ترتيب ۽ جبري پورهئي جي ڪري پيدا ٿيل عالمي اثرن، ان متعلق بين الاقوامي ذميواريون ۽ ان جي مؤثر حل جي لاءِ طريقہ ڪار ۽ نظام ناهيا ويندا.

قانون تي عمل درآمد ڪرائڻ وارن ادارن جي ڪم جي مستقل نگراني ۽ جائزو ورتو ويجي:

- جانچ ڪندڙ ٽيمون.
- ضلعي سطح تي قائم محنت کاتي جي آفيسرن ۽ ضلعي انتظاميه جي آفيسن ۾ شڪايتي مرڪز قائم ڪيا وڃن.
- محنت جي وزارت ۽ صوبائي گهرو کاتي ۾ رابطه مرڪز قائم ڪيا وڃن.
- صوبن ۽ وزيرن وچ ۾ وقفي وقفي سان ميٽنگون ڪرائڻ.
- جانچيندڙ ٽيمن جي وچ ۾ رابطه پيدا ڪرڻ ۽ ان کي مؤثر بنائڻ جي لاءِ سماجي ڪارڪنن، سرڪاري تنظيمن CBOs ۽ آجر تنظيمن کي پڻ ان ۾ شامل ڪيو وڃي.

## 8 غير سرڪاري ميمبرن جي ڪم ڪرڻ جي مدت:

(1) ڪميٽيءَ جو غير سرڪاري ميمبر پنهنجي مقرريءَ واري ڏينهن کان وٺي ٻن سالن تائين قانون مطابق پنهنجا فرض سرانجام ڏيندو رهندو ۽ مدت پوري ٿيڻ کان پوءِ ٻيهر نامزدگيءَ جي اهل هوندو.

(2) ڪوبه استعيفيٰ ڏيندڙ/ ڇڏي ويندڙ ميمبر سندس جاءِ تي ٻيو ميمبر مقرر ٿيڻ تائين فرض سرانجام ڏيندو رهندو.

(3) نگران ڪميٽي (وجيلنس ڪميٽيءَ) جو ڪوبه فيصلو غير قانوني/ اڻ وڻندڙ نه هوندو. بشرطيڪ ڪميٽيءَ جا ميمبر پورا مقرر ٿيل هجن ۽ ان جي تشڪيل ۾ ڪابه کوٽ يا غلطي نه هجي.

(4) (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي جي ميمبر جي اوچتي خالي ٿيل جاءِ تي نئون مقرر ٿيندڙ ميمبر، ڇڏي ويندڙ ميمبر جي رهيل مدي لاءِ ڪم ڪندو.

(5) (وجيلنس ڪميٽيءَ) نگران ڪميٽي جو ميمبر پنهنجي هٿ اکرن سان لکيل استعفيٰ چيئرمين کي پيش ڪري ذميوارين کان آجو ٿي سگهي ٿو.

(6) نگران ڪميٽي (وجيلنس ڪميٽي) جي ميمبر کي صوبائي حڪومت برطرف ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن اهو غير اخلاقي ڏوهه جو ڏوهاري قرار ڏنو وڃي ۽ صوبائي حڪومت جي نظر ۾ اهو غير اخلاقي سرگرمين ۾ ملوث آهي، يا چيئرمين کان موڪل منظور ڪرائڻ کانسواءِ مسلسل ٽن گڏجاڻين ۾ غير حاضر رهي.

## 9 فنڊ گڏ ڪرڻ:

(1) آزاد ٿيل جبري پورهيتن جي بحاليءَ ۽ ڀلائيءَ لاءِ هيٺين ريت فنڊ گڏ ڪيو ويندو:

(اي) وفاقي يا صوبائي حڪومتن طرفان ڏنل شروعاتي يا اڳيون ڏنل چندو.

(بي) اهڙي رقم جيڪا قومي يا بين الاقوامي تنظيمن طرفان وقت بوقت رضاڪارانه چندي طور جمع ڪرائي وڃي.

(سي) فنڊ مان ڪيل جائداد ۽ سيڙپ ڪاريءَ مان ٿيندڙ نفعو.

**(2) فنڊ هيٺين مقصدن لاءِ خرچ ڪيو ويندو:**

(اي) جبري پورهئي جي نظام مان آزاد ٿيل مزدور جي تعليم ۽ سکيا لاءِ جڙندڙ منصوبن جو خرچ ادا ڪرڻ لاءِ.

(بي) جبري پورهيت يا سندس خاندان کي اقتصادي سهڪار ڪرڻ لاءِ ته جيئن کين (ايڪٽ) قانون تحت حاصل قانوني حقن جو تحفظ ملي سگهي.

(سي) آزاد ٿيل جبري مزدورن جي بحالي ۽ پلائي لاءِ جڙندڙ بين منصوبن تي جيڪي (ايڪٽ) قانون جي فقري (10) جي سب فقري (1) ۾ بيان ڪيل آهي.

(ڊي) فنڊ جي انتظام ڪاريءَ تي ايندڙ خرچ.

(اِي) صوبائي حڪومت طرفان منظور ڪيل منصوبن تي خرچ ٿيندڙ رقم.

(3) صوبائي حڪومت (وجيلنس ڪميٽيءَ) نگران ڪميٽي طرفان قاعدن ۽ قانون تحت فرض سرانجام ڏيڻ لاءِ جمع ڪيل فنڊ مان مرضيءَ موجب رقم ورڇي يا مختص ڪري سگهي ٿي.

(4) نگران (وجيلنس) ڪميٽيون هر ٽئين مهيني پنهنجي طرفان ڪيل خرچن جا تفصيل صوبائي حڪومت کي پيش ڪنديون.

(5) چيئرمين طرفان لکت ۾ منظوريءَ کان علاوه (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي ڪا به رقم خرچ نه ڪندي.

(6) هرهڪ (وجيلنس ڪميٽي) نگران ڪميٽي پنهنجا بئنڪ اڪائونٽ صوبائي حڪومت جي انتظام ۽ مرضيءَ موجب (آڊٽ) حساب ڪتاب چڪاس ڪرائيندي.

10. غير سرڪاري ميمبرن لاءِ سفري ۽ روزانه الائونس:

(1) (وجيلنس ڪميٽيءَ) نگران ڪميٽي جي غير سرڪاري ميمبرن کي سفري ۽ روزانه الائونس ڏنو ويندو. الائونس جا اڳهه صوبائي حڪومت طرفان وقت بوقت مقرر ڪيل اڳهن موجب هوندا.



پندار هاري سنگت

TROCAIRE
Working for a Just World